پاڻيءَ جي تعليم

**انڊس ڊيلٽا پنهنجي جاگرافيائي بيهڪ ۾ هميشہ تبديليون پئي آنديون آهن. انهيءَ تبديليءَ جا ٻہ مکيہ سبب آهن. هڪ سنڌو نديءَ جو پاڻ سان لٽ ڪٺي اچڻ ۽ ٻيو سمنڊ جي لهرن جو انهيءَ لٽ ۽ پاڻيءَ کي پوئتي ڌڪڻ.**

# سنڌوءَ جو ڇوڙ وارو علائقو

ايم ايڇ پنهور



*ايم ايڇ پنهور دادو لڳ ڳوٺ ابراهيم ڪچيءَ ۾ جنم ورتو. هو هڪ انجنيئر ۽ سنڌالاجسٽ آهي. هن آبپاشي، سماجيات، تاريخ، جاگرافي ۽ زراعت سميت سنڌ بابت بنيادي نوعيت جو ڪم ڪيو آهي. هن پنهنجي زندگيءَ ۾ اڃ تائين اڌ لک ڪتاب گڏ ڪيا آهن. اڄ بہ هن جو گهڻو وقت لکڻ پڙهڻ ۾ گذري ٿو. هن پنهنجي آتم ڪهاڻي پڻ لکي آهي جيڪا تياريءَ جي مرحلي ۾ آهي.*

**سنڌوءَ** جي ڇوڙ واري علائقي جا نقشا 1817ع کان نهڻ شروع ٿيا ۽ مختلف وقفن ۽ مقصدن تحت 1954ع تائين ٺاهيا ويندا رهيا. انڊس ڊيلٽا پنهنجي جاگرافيائي بيهڪ ۾ هميشہ تبديليون پئي آنديون آهن. انهيءَ تبديليءَ جا ٻہ مکيہ سبب آهن. هڪ سنڌو نديءَ جو پاڻ سان لٽ ڪٺي اچڻ ۽ ٻيو سمنڊ جي لهرن جو انهيءَ لٽ ۽ پاڻيءَ کي پوئتي ڌڪڻ. سمنڊ جون اهي لهرون چوماسي جي تيز هوائن سبب پيدا ٿينديون آهن. انهن هوائن جو رخ ڏکڻ - اولهہ هوندو آهي ۽ اهي اپريل کان سيپٽمبر تائين گهلنديون رهنديون آهن.

سنڌوءَ جو سامونڊي ڪنارو 320 ڪلوميٽر تائين پکڙيل آهي. جيڪڏهن انڊس ڊيلٽا جي ٻهرين منظم سروي بابت ڳالهائجي تہ اها 1831ع ۾ ڪئي وئي هئي. انهيءَ سروي جي صلاح لارڊ ايلن بورو ڏني هئي، جيڪو ان وقت ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي بورڊ آف ڊائريڪٽرز جو چيئرمين هو، ۽ هن 1830ع ۾ سنڌ فتح ڪرڻ جي صلاح پڻ ڏني هئي. سندس ئي صلاح تي اليگزينڊر برنس سروي ڪئي، جنهن کان پوءِ تہ بيشمار سروي ٿيون ۽ انهن جي بنياد تي سنڌ جو جامع ۽ مڪمل نقشو ٺاهيو ويو. اهڙيون سروي 1903ع تائين جاري رهيون ۽ انهيءَ ئي سال لارڊ ڪرزن انڊس ريور ڪميشن ٺاهي. جنهن پاڻيءَ جي ورڇ بابت هڪ اهم اصول ٺاهيو تہ ويهن سالن تائين سرحد، پنجاب، بلوچستان، سنڌ، بهاولپور ۽ بيڪانير هڪ ٻئي جي راضپي کان سواءِ سنڌوءَ درياہ مان پاڻي کڻي نہ سگهندا. پر انهيءَ اصول ۽ ان کان پوءِ قائم ٿيندڙ ڪميشن جي سمورن فيصلن کي ڪنهن طريقي سان رد ڪيو ويو آهي.

## انڊس ڊيلٽا جي دنيا جي ٻين ڊيلٽائن سان ڀيٽ

عام طرح اهو چيو ويندو آهي تہ انڊس ڊيلٽا دنيا جي تمام وڏين ڊيلٽائن مان هڪ آهي، پر دنيا جي ڏهن وڏن ڇوڙ وارن علائقن کي جيڪڏهن ترتيب ڏجي تہ سنڌو نديءَ جي ڇوڙ واري علائقي جي حالت هن ريت بيهي ٿي.

(1) اميزون (2) گنگا (3) ميڪانگ (4) يزڪيانگ (5) لينا (6) هان هُو (7) سنڌو (8) مس سپي (9) وولگا (10) اِراودي

ان کان سواءِ جيڪڏهن هڪ ٻئي نقطہ نظر سان بہ ڏسجي تہ دنيا جي مکيہ ندين ۾ سنڌوءَ نديءَ جي ڇوڙ وارو علائقو ڪيترو وسيع آهي، تہ اسان کي معلوم ٿيندو تہ اهو ايترو ڊگهو ڪونهي، جيترو عام طور تي دعويٰ ڪئي وڃي ٿي. مثال طور گنگا جي ڇوڙ واري ڪناري جي ڊيگهہ 730 ڪلوميٽر آهي، مس سپي 610 ڪلوميٽر، لينا 580 ڪلوميٽر، وولگا 470 ڪلوميٽر، ميڪانگ 500 ڪلوميٽر، اوري نوڪو 407 ڪلوميٽر، نائيجر 430 ڪلوميٽر، يانگ زي ڪيانگ 410 ڪلوميٽر، اِراوَدي 390 ڪلوميٽر، انڊس 320 ڪلوميٽر.

## سنڌوءَ جي ڇوڙ وارو علائقو

سنڌوءَ جو ڇوڙ وارو علائقو ڪافي عرصي کان سُسي سوڙهو ٿي رهيو آهي، جنهن جو مکيه سبب ڊيمن ۽ بئراجن جو ٺهڻ آهي، جنهن جي ڪري انڊس ڊيلٽا کي نقصان پهچي رهيو آهي. 1960ع ۾ هندستان ۽ پاڪستان جي پاڻيءَ بابت ٿيل ڳالهه ٻولهه ۾، پاڪستان سرڪار، هندستان کان خاطري ورتي هئي ته آڪٽوبر کان جون تائين پنج هزار ڪيوسڪ پاڻي ڇڏيو ويندو ته جيئن سمنڊ جي چاڙهه کي روڪي سگهجي. اهڙي طرح جولاءِ کان سيپٽمبر مهينن لاءِ پڻ خاطري ورتي هئي.

مطلب ته ڪل 17 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي هجڻ گهرجي، جيڪو سمنڊ جي چاڙهه کي روڪي سگهي. 1991ع واري ٺاهه موجب اها ڳالهه طعي ٿي ته ساليانو 10 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي سمنڊ ۾ ڇڏيو ويندو پر اجا تائين ائين ٿي ڪونه سگهيو آهي. تازين ڳالهين



ٻولهين ۾ اها ڳالهه طعي ٿي آهي ته گهٽ ۾ گهٽ 8.7 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي سمنڊ ۾ وڃڻ گهرجي. ايتري پاڻيءَ جي ڇوڙ سبب ساموندي علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن جي زندگيءَ ۾ ڪا وڏي تبديلي ڪونه ايندي پر ٿوري بهتري ضرور اچي سگهي ٿي.

## ساموندي چاڙهه

سنڌوءَ جو پاڻي مختلف مقصدن لاءِ ڪتب آڻڻ جي شروعات 1875ع کان شروع ٿي هئي، پر انهيءَ جو اثر 19هين صديءَ جي شروع ۾ محسوس ڪيو ويو. 1899ع ۾ سنڌ ۾ موجود ان وقت جي ڪمشنر پنهنجي ايندڙ همر منصب لاءِ هڪ ياد داشت نامو ڇڏيو هو ته، "جيڪڏهن ڪنهن به مقصد لاءِ پنجاب ۾ سنڌوءَ جي پاڻيءَ کي روڪيو ويندو يا موڙيو ويندو يا ڪتب آندو ويندو ته ان جو سنئون سڌو اثر سنڌ جي اقتصاديات تي پوندو. ڇو ته ائين ڪرڻ سان سنڌوءَ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ پيدا ٿيندي."

سنڌونديءَ ۾ پاڻي جي کوٽ سبب ڇوڙ واري علائقي ۾ موجود ڪيٽرائي شهر ۽ ننڍا وڏا بندر ختم ٿي چڪا آهن. مثال طور 20 سال اڳ ڪيٽي بندر جي آبادي 20 هزار ماڻهن تي مشتمل هئي پر هاڻي اتي رڳو پنج هزار ماڻهو رهن ٿا، جنهن جو مکيه سبب سمنڊ جو چاڙهه ۽ واڌ آهي. ان کان سواءِ ڇوڙ وارو علائقو، سمنڊ جي کاڌ ۽ واڌ جي مڪمل وڪڙ ۾ اچي چڪو آهي، ۽ ان ڳالهه چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ ڪونه ٿيندو ته 500 سالن ۾ ٿي سگهي ٿو ته سمنڊ ايترو اڳتي وڌي اچي جيترو 25 سوءَ سال اڳ موجود هو. جيڪڏهن مختصر طور ڳالهه ڪجي ته سمنڊ جي کاڌ ۽ واڌ سبب هيٺيان نقصان ٿي رهيا آهن:

(1) جهنگلي جيوت ۽ ناياب پکي جيڪي صرف ڇوڙ وارن علائقن ۾ پرورش وٺن ٿا، سي ختم ٿي ويا آهن.

(2) نباتاتي شيون، جيڪي پڻ ڇوڙ واري هڪ مخصوص ماحول ۾ پرورش وٺن ٿيون، سي به ناپيد ٿي رهيون آهن.

(3) مڇيءَ جا مختلف نسل ختم ٿي رهيا آهن، جيتوڻيڪ مڇي علائقي جي کاڌ خوراڪ جو مکيه ذريعو آهي.

(4) ساموندي ڪناري واري ڌرتيءَ جي اندرئين تهه ۾ سمنڊ جي تيز لهرن سبب، سمنڊ جو پاڻي سيمو ڪري مٺن پاڻين جي اندرين ذخيرن کي خراب ڪري رهيو آهي. جنهن سبب قدرتي چراگاهه ۽ زرعي زمينون آهستي آهستي بيهر آباد نه ٿي سگهندڙ حد تائين خراب ٿي رهيون آهن. هن وقت به 2.0 ملين ايڪڙ زمين خراب ٿي چڪي آهي ۽ وڏي پيماني تي لڏ پلاڻ ٿي رهي آهي.

(5) ساموندي پٽيءَ جي مخصوص جانورن جيئن اُٺن، ٻڪرين، رڍن، مينهن، ڳئن وغيره جو چارو ختم ٿي رهيو آهي.

(6) سمنڊ جي مسلسل چاڙهه ۽ کاڌ سبب لاتعداد ننڍيون ڊنڊيون ختم ٿي رهيون آهن.

(7) سمنڊ جي واڌ ۽ کاڌ سبب روڊ رستا، اسڪول ۽ اسپتالون پڻ تباهه ٿي رهيون آهن.

سمنڊ جي انهيءَ واڌ ۽ کاڌ کي روڪڻ جو هڪ ئي طريقو آهي ته سمنڊ ۾ گهربل پاڻيءَ جو مقدار ڇڏيو وڃي ■

*مترجم: ظفر جوڻيجو*

*حوالو: رپورٽ: "سي انٽريوزن اِن پاڪستان"*

*انڊس انسٽيٽيوٽ فار ريسرچ اينڊ ايجوڪيشن، حيدرآباد.*

